# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1975

# SINDH ACT NO.VII OF 1975

# سنڌ جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، وظيفو ۽ مراعتون)

# ايڪٽ، 1975

# THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 1975

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. آفيس اچڻ ۽ واپسيءَ لاءِ وظيفو

Allowance on taking up and lying down the office

4. چارج رپورٽ

Charge Report

5. پگهار

Salary

6. سرڪاري رهائش

Official Residence

7. آمدرفت جي سهولت

Transport

8. خرچ جو وظيفو

Sumptuary Allowance

9. پاڪستان ۾ سفري وظيفو

Travelling allowance for touring in Pakistan

10. ترسڻ دوران روز مره جو وظيفو

Daily Allowance during halt

11. ڪنٽرولنگ آفيسر

Controlling Officer

.12 طبي سهولتون

Medical Facilities

.13 موکل

Leave

.14 عام

General

.15 منسوخي

Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1975

# SINDH ACT NO.VII OF 1975

# سنڌ جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، وظيفو ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975

# THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 1975

[8 اپريل 1975]

سنڌ صوبي جي اسيمبليءَ جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي پگهار، وظيفي ۽ مراعتن لاءِ هڪ ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اهو ضروري سمجهيو ويو ته آئين پاڪستان جي آرٽيڪل 250 جي شق (1) جي تحت آئين جي نفاذ جي 2 سالن دوران، قانون جوڙي صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي متعلق هجن اهي شامل ڪيون ويندیون. پگهار، وظيفي ۽ مراعات متعين ڪيون ويندیون.

ان ڪي هن ريت ناهيو ٿو وڃي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) ان ڪي سنڌ جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، وظيفو ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 چيو ويندو.

(2) هي هڪدم نافذ ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مقصد يا مفهوم جي متضاد نہ هجي تيستائين:

(a) "اسيمبلي" جي معنيٰ صوبائي اسيمبلي سنڌ.

(b) "خاندان" جي معنيٰ زال، ماءُ پيءُ ۽ سوٽيلا ٻار جيڪي گڏ رهجندا هجن ۽ مڪمل طرح سان اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي ماتحت هجن يا جيئن صورتحال هجي،

(c) "حڪومت" جي معنيٰ حڪومت سنڌ.

(d) "خرچو" (Maintenance) گهر جي واسطي بشمول مقامي اگهن موجب بجلي ۽ پاڻي جو خرچ

(e) "اسپيڪر" معنيٰ اسيمبلي جو اسپيڪر.

(f) "ڊپٽي اسپيڪر" معنيٰ اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر

(g) "سرڪاري رهائشگاهہ" جي معنيٰ اهو گهر جيڪو وقت بوقت اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي لاءِ مخصوص ۽ استعمال ۾ هجي يا جيئن بشمول عملي جي رهائش گاهہ ۽ ٻين عمارتن ۽ باغ جو جيڪو انهيءَ سان لاڳاپيل هجي.

آفيس اچڻ ۽ وڃڻ لاءِ وظيفو
Allowance on taking up and lying down the office

3. وظيفو جيڪو آفيس جي اچڻ ۽ وڃڻ لاءِ هجي، اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جيئن صورتحال هجي، سفر لاءِ پنهنجي رهائشگاهہ کان حڪومتي دفتر ۽ پنهنجي دفتري ڪم ڪار لاءِ ۽ حڪومتي دفتر کان پنهنجي رهائش گاهہ ۽ رهائشگاهہ کان پنهنجي دفتر ڇڏڻ کانپوءِ هن جو حقدار هوندو.

(a) اصل سفري خرچ جيڪو پنهنجي ۽ خاندان لاءِ هجي،

(b) گهٽ درجي واري ريل جو ڀاڙو جيڪو ٻن ذاتي ملازمن

کان وڌيڪ نہ هجي.

(c) گهريلو سامان جو ٻاڙو جنهن جو وزن 120 مڻن کان وڌيڪ نہ هجي، اسپيڪر هئڻ جي صورت ۾ ۽ 80 مڻ ڊپٽي اسپيڪر هئڻ جي صورت جيڪو سامان، ريل، ٻيڙي يا ڪنهن ٻئي سهولت (هوائي جهاز ڪانسواءِ) ۽ ذاتي گاڏي ۾ آندو ويجي.

مزيد اهو سفر عهدي ماڻڻ يا ڇڏڻ ڇهہ مهينن ۾ ڪيو ويو هجي.

چارج رپورٽ
Charge Report

4. اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن بہ هجي ان لاءِ اهو لازم نہ هوندو تہ پنهنجي دفتر جي آمد ۽ روانگي جي وقت چارج جي رپورٽ تي صحيح ڪري.

پگهار
Salary

5. اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جي ماهوار پگهار ترتيب 3 هزار رپيا ۽ 2 هزار رپيا هوندي.

سرڪاري رهائش
Official Residence

6. (1) اسپيڪر جي رهائش جي سامان تي حڪومت خرچ جيڪو پندرنهن هزارن کان وڌيڪ نہ هوندو ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي لاءِ ڏهہ هزار رپيا هوندو.

وضاحت: سرڪاري رهائش جي سامان ۾ قالين، هڪ ريفريجريٽر ۽ ٻن ڪمرن جي لاءِ ايئرڪنڊيشن شامل هوندا.

(2) اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جيئن صورتحال هجي، جيستائين سرڪاري رهائشگاهہ انهن کي حڪومت طرفان مهيا ڪيل نہ هجي، تہ اهڙي رهائش جي سامان لاءِ هڪ هزار ماهوار جي ڏنا ويندا.

سفري خرچ
Transport

7. اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جيئن بہ هجي هڪ گاڏي جو حقدار هوندو، جنهن جي سار سنڀال جو خرچ سرڪار ڀريندي.

خرچ جو وظيفو
Sumptuary Allowance

8. اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جو عهدي جي لحاظ جو وظيفو پنج سئو ۽ ٽي سئو رپيا مهينو هوندو.

پاڪستان ۾ سفري وظيفو
Travelling allowance for touring in Pakistan

9. (1) بحرحال ڪائي شق هجي، يا اچي، اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جيئن بہ هجي، سرڪاري فرضن جي انجام ڏيڻ ۾ سفر جي دوران سرڪار جي پهرين گريڊ وارو ملازم تصور ڪيو ويندو.

(2) هوائي جهاز جو سفر: اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جيڪو بہ هجي، سرڪاري ڪم ڪرڻ دوران هوائي جهاز جي سفر ۾ انهيءَ جي لائق هوندو تہ:

(a) اڪانومي ڪلاس جي هڪ ٽڪيٽ جو ڀاڙو ڏنو ويندس.

(b) ذاتي سامان جي کڻڻ لاءِ هڪ سئو پائونڊ جي وزن جو خرچ ڏنو ويندس. بشمول هوائي ڪمپني جي طرفان مفت وظيفو.

(c)ريل يا ٻيڙي ذريعي وڏيڪ ذاتي سامان جي کڻڻ لاءِ ٽن مڻن جو خرچ.

(d) اصل ويمي جي رقم جيڪا پنهنجي انشورنس لاءِ هوائي سفر وارن کي ادا ڪئي جيڪا هڪ لک رپين کان وڏيڪ نہ

هوندي.

نوٽ i: اسپيڪر لاءِ مٿي بيان ڪيل ڪان علاوه وڌ ۾ وڌ ٻن ذاتي ملازمن جو ريل گاڏيل جي هيئين درجي جي خرچ جو حقدار هوندو.

نوٽ ii: جيستائين ممڪن هجي، اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، ٻنهي مان جيڪو بہ هجي، واپسي جي ٽڪيٽ خريد ڪندو.

(3) ريل جي گاڏي جو سفر:- اسپيڪر پنهنجي فرضن جي ادائيگي لاءِ ريل گاڏي جي سفر دوران هنن رعايتن جو حقدار هوندو.

(a) سرڪاري اگهہ جي طلبي (Requisition): -

(i) جڏهن مرڪزي لائن تي سفر هجي تہ عام طور تي پهرين اي ڪلاس جي بوگي يا بي ڪلاس جي سفري گاڏي

(ii) جڏهن مرڪزي لائن ڪان علاوه، 8 ڦيٿن واري (پهرين درجي) جي سفر ڪار.

(iii) جيڪڏهن ذيلي شق (i) ۽ (ii) ۾ بيان ڪيل گاڏيون نہ هجن يا ناپسند هجن، تہ پوءِ چار عام سيٽن واري فرسٽ ڪلاس

بوگي ۾ يا 2 سيٽن واري پهرين درجي جي ايئر ڪنڊيشن بوگي.

(b) پنهنجي زال کي مخصوص سيٽ تي بنا ڪنهن ڪرائي جي ادائگي جي وٺي وڃي سگهي ٿو.

(c) ذاتي ملازمن کي هيٺين درجي جي گاڏي ۾ جيڪي ٻن کان وڌيڪ نہ هوندا.

(d) ذاتي سامان جي مال برداري جو خرچ ، مفت وظيفو جي حد جيترو ءِ گاڏيءَ جي جاءِ مطابق.

(4) ڊپٽي اسپيڪر منصبي فرضن جي ادائگي دوران ريل گاڏي ۾ سفر ڪرڻ دوران هنن ڳالهين جو حقدار هوندو:

(a) سرڪاري اگهہ طلبي –

(i) جڏهن مرڪزي لائين تي سفر هجي تہ عام پهرين درجي جي ٻن سيٽن واري بوگي.

(ii) جڏهن ايئر ڪنڊيشن بوگي مهيا هجي تہ پهرين درجي واري سيٽ.

(b) هڪ ذاتي ملازم کي هيٺين درجي ۾ سفر ڪرائي سگهندو.

(c) ذاتي سامان جي مال برداري جو خرچ جيڪو عام وظيفي

جي حد واري سيٽ جي برابر هوندي.

نوٽ: اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جيڪو به هجي ريلوي ۾ مخصوص سيٽ تي سفر شرع ڪرڻ کان پهريائين ۽ ان تي نمبر ۽ ٻيا تفصيل جيڪي خريد ڪيل ٽڪيٽن ۽ ان تي سفر ڪندڙن جا تفصيل درج هوندا، انهن جي داخلا اسٽيشن ماسٽر جيڪو ان اسٽيشن جي طلبي فارم جتان سفر جو آغاز هوندو درج ڪرائيندو.

(5) اسٽيمر يا ٻيڙي ذريعي سفر: ـ اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جيڪو به هجي، پنهنجي منصبي فرض ادا ڪرڻ دوران اسٽيمر يا ٻيڙي تي سفر دوران ان جو حقدار هوندو ته:

(a) پنهنجو اصل ڪرايو وصول ڪندو جيڪو هن طرفان ادا ڪيل هوندو.

(b) ملازمن کي هيٺين درجي ۾ وٺي وڃي سگهندو پر اهي ٻن کان وڌيڪ نه هجن.

(c) ٽن مڻن جيترو پنهنجو سامان کڻي سگهندو.

(6) سفر بذريعه روڊ:ـ اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن هجي،

جيڪڏهن ڊيوٽي دوران انهن رستن تي سفر ڪري ٿو جيڪي ريلوي سان ڳنڍيل نہ آهن، يا ڳنڍيل آهن پر استحقاق سبب ريلوي وارو رستو ڪتب نہ ٿو آڻي ۽ اهڙي گاڏي ڪتب آڻي ٿو جيڪا سرڪاري نہ آهي، تہ پوءِ هن جو حقدار ٿيندو:

(a) سفري وظيفو 76 پئسا في ميل پنهنجي لاءِ

(b) اصل خرچ سفر لاءِ

(i) 2 ذاتي ملازم ۽

(ii) تمام سامان بشمول انهن شين جي جيڪي سفر دوران استعمال ۾ هونديون.

وقفي دوران روزمرهہ جو وظيفو
Daily Allowance during halt

10. (1) اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر منصبي ڪم ڪارڻ سفر جي دوران بالترتيب هڪ سئو رپيا ۽ پنجهتر رپيا روزانو وظيفو ڪڻندو وڏيڪ اهو تہ منزل تي پهچڻ واري ڏينهن ۽ رواني ٿيڻ واري ڏينهن لاءِ اڌ اڌ ڏينهن جو "ڊيلي الائونس" ڀڏو ويندو.

2. جيڪڏهن اتي ڏهن ڏينهن کان وڏيڪ ترسجي ٿو تہ پهرين ڏهن ڏينهن لاءِ فل ريٽ سان ڊيلي الائونس ٿيندو ان کانپوءِ وارن باقي ويهن ڏينهن لاءِ فل ريٽ ڊيلي الائونس جي

چئن مان ٽي پتيون الائونس ڏيندو ۽ ان ڪانپوءِ رهڻ واري مدي لاءِ اڌ ڊيلي الائونس ڏيندو.

ڪنٽرولنگ آفيسر
Controlling Officer

11. هن ايڪٽ مطابق ملندڙ سفري الائونس جي مقصد لاءِ اسپيڪر ڪنٽرولنگ اٿارٽي هوندو.

ميڊيڪل فيڪلٽيز
Medical Faculties

12. اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، اسپيشل ميڊيڪل اٽينڊس رولس، 1950 مطابق طبي سهولتن جو حقدار هوندو، بشرطيڪ هي ۽ هن جو خاندان پنهنجي گهر ۾ ميڊيڪل اٽينڊس جو حقدار هجي.

موڪل
Leave

13. گورنر، هڪ دفعو يا وقت بہ وقت صحت يا ذاتي ڪم ڪار جي بنياد تي اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر کي موڪل يا ڪم ڪار کان غير حاضر رهڻ جي موڪل ڏئي سگهي ٿو، جيڪا عهدي واري مدي دوران ٽن مهينن کان وڌيڪ نہ هوندي.

عام
General

14. (1) سرڪاري رهائش، ٽرانسپورٽ ۽ فرنيچر جيڪو اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر کي مهيا ڪيل هوندو، جيئن بہ هجي، اهو ان طرح ئي ڏيان سان استعمال ڪم آڻبو جيئن اهو ان جي ذاتي جائيداد هجي.

(2) تمام فرنيچر ۽ آسائش جو سامان جيڪو سرڪاري رهائش گاهہ تي اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جيئن بہ هجي ڏيڻ وقت ان جي مٿان سچاٽپ جو نشان لڳايو ويندو.

(3) سرڪاري رهائش گاهہ ۾ اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر رهائش اختيار ڪرڻ وقت جيئن هجي فرنيچر يا آسائش جو سامان يا ٻيو سامان ان رهائشگاهہ ۾ ان جي حوالي ڪيو ويندو ۽ يا اهڙي شخص کي جنهن کي تحريري اجازت نامو مليل هوندو، ان متعلق اهو لسٽ ٺاهيندو ۽ ان تي ان آفيسر جي صحيح هوندي جيڪو ان علائقي جي سرڪاري رهائش گاهن جو نگهبان هوندو.

(4) جڏهن اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جيئن هجي، سرڪاري رهائش گاهہ خالي ڪندو تہ ان علائقي جي سرڪاري عمارتن جي نگران آفيسر کي اطلاع ڪندو ۽ فرنيچر ۽ آسائش جو سامان کي ان آفيسر کي انهيءَ جي تهيل لسٽ مطابق جيڪا اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جي صحيح ڪيل هوندي ان جي حوالي ڪرڻ جو انتظام ڪندو، جيئن بہ هجي.

(5) اهو آفيسر جيڪو سرڪاري عمارتن جو نگران هوندو، وقت بہ وقت اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جي اڳواٽ اجازت سان جيئن بہ هجي، سرڪاري رهائش گاهہ فرنيچر ۽ آسائش جو سامان جو معائنو ڪندو.

منسوخي
Repeal

15. سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر (پگهار، وظيفو ۽ مراعتون) ايڪٽ 1972 ۽ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر (پگهار، وظيفو ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1974 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**